رسالو نمبر: 95

# حسيني ڳوٺ





با ڪمال مدني مني 1

ٽي بهادر ڀائر 10

دنيا جي راحت کي ٺڏي ڇڏيو 17


مدني ڏسندا رهو


شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه



مڪتبة المدينه (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# حسيني گهوٽ

شيطان ڪيتري به سستي ڏياري هي بيان مڪمل پڙهي ڇڏيو، ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس فرمائيندؤ!

## باڪمال مدني مني

حضرت سيّدنا شيخ محمّد بن سليمان جَزُوْلي رَحْمَةُاللهِتعالىٰعَلَيْهِ فرمائن ٿا: مان سفر ۾ هئس، هڪ جڳهہ تي نماز جو وقت ٿي ويو، اتي کوهہ تہ هو پر ڏول ۽ رسي نہ هئا. مان انهيءَ فڪر ۾ هئس تہ هڪ گهر جي مٿان هڪ مدني مُنّيءَ جهاتي پائي ڏٺو ۽ پڇيو تہ توهان ڇا پيا ڳوليو؟ مون چيو تہ ڌيءَ! رسي ۽ ڏول. ان پڇيو تہ توهان جو نالو؟ فرمايائون **محمّد بن سُلَيمان جَزُولي**. مدني مُنّيءَ حيرت مان چيو: اڇا توهان ئي آهيو جن جو نالو ايترو مشهور آهي ۽ حال هي آهي جو کوهہ مان پاڻي بہ نہ ٿا ڪڍي سگهو! اهو چئي ڪري ان کوهہ ۾ ٿُڪ اڇلائي، ڪمال ٿي ويو! فورًا پاڻي مٿي اڇي ويو ۽ کوهہ مان ڇلڪڻ لڳو. **پاڻ** رَحْمَةُاللهِتعالىٰعَلَيْهِ وضوءَ کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ ان **باڪمال مدني مُنّيءَ** کي فرمايو: ڌيءَ! سچ ٻڌاءِ تو هي ڪمال ڪيئن حاصل ڪيو آهي؟ چوڻ لڳي ”مان

(1) هي بيان امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي ڪراچي ۾ سنڌ سطح تي ٿيڻ واري ٽي روزه سنّتن ڀريي اجتماع 1420 هہ ۾ فرمايو هو. جيڪو ڪجهہ ترميم ۽ اضافي سان حاضر آهي . مجلس مڪتبة المدينہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالىٰ عليه واله وسلَّم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

دُرودِ پاڪ پڙهندي آهيان، انهيءَ جي برڪت سان هي ڪرم ٿيو آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تعالىٰ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان باڪمال مدني مُنّيءَ کان مُتاثر ٿي ڪري مون اتي ئي عهد ڪيو تہ مان درود شريف جي باري ۾ ڪتاب لکندس.“(سعادة الدارين ص 159 دارالكتب العلميه بيروت) پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تعالىٰ عَلَيْه درود شريف جي باري ۾ ڪتاب لکيو جيڪو تمام مقبول ٿيو ۽ ان ڪتاب جو نالو آهي: ” دلائل الخيرات “

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هاڻي گذريل ڏينهن ۾ اسان ڪربلا جي عظيم شهيدن عليهم الرضوان جي ياد ملهائي آهي. اچو! مان توهان کي ڪربلا جي **حسيني گهوٽ** جو درد ڀريو داستان ٻڌايان. اعليٰ حضرت جي خليفي، صدرالافاضل مولانا سيّد **محمّد نعيم الدين مراد آبادي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْهَادِي پنهنجي مشهور ڪتاب ”**سوانح ڪربلا**“ ۾ نقل ڪن ٿا:

## حسيني گهوٽ

**حضرت** سيّدنا وهب ابن عبدالله ڪَلبي رضي الله تعالىٰ عنه بني ڪَلب قبيلي جا نيڪ ۽ خوبصورت نوجوان هئا. ڀرپور جواني، آرزوئن جو وقت ۽ بهارن جا ڏينهن هئا. صرف سترهن ڏينهن شاديءَ کي ٿيا هئا اجا خوشي ۽ فرحت و سُرور جا ڏينهن تازا ئي هئا تہ **والده ماجده** رضي الله تعالىٰ عنها تشريف ڪٺي آئي جيڪا هڪ بيواهہ عورت هئي ۽ جنهن جي سموري ڪمائي ۽ گهر جو چراغ اهو ئي هڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو اللّٰه تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

نوجوان پٽ هو. شفيق امڙ روئڻ شروع ڪري ڏنو، پٽ حيرت ۾ اچي ڪري ماءُ کان پڇي ٿو. **پياري امان!** غم ۽ رنج جو ڇا سبب آهي؟ مون کي ياد نه ٿو اچي ته مان پنهنجي عمر ۾ ڪڏهن توهان جي نافرماني ڪئي هجي، نه آئنده اهڙي جرئت ڪري سگهان ٿو، توهان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري مون تي فرض آهي ۽ مان ان شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پوري زندگي اطاعت ڪندڙ ۽ فرمانبردار ئي رهندس. امان! توهان جي دل کي ڪهڙو صدمو پهتو ۽ توهان کي ڪهڙي غم روئاريو؟ منهنجي پياري امان! مان توهان جي حڪم تي جان به فدا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، توهان غمگين نه ٿيو.

**سعادت مند** اڪيلي پٽ جي اها سعادت ڀري گفتگو ٻڌي ڪري ماءُ ويتر رڙيون ڪري روئڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي: اي پيارا پٽ! تون منهنجي اکين جو نور، منهنجي دل جو سُرور آهين، اي منهنجي گهر جا روشن چراغ ۽ منهنجي باغ جا مهڪندڙ گل، مون پنهنجي جان کي تڪليف ڏئي ڪري تنهنجي جوانيءَ جي بهار ڏٺي آهي، تون ئي منهنجي دل جو قرار ۽ منهنجي جان جو چَين آهين. هڪ لمحو تنهنجي جدائي ۽ هڪ گهڙي تنهنجي فراق مون کان برداشت نه ٿو ٿي سگهي.

چُو دَر خَواب باشَم تُوئی دَر خَیالَم
چُو بِیدار گردَم تُوئی دَر ضَمِیرَم

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم :**جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاھ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.**

**(يعني جڏهن سمهان ته منهنجي خوابن ۾ خيالن ۾ به تون ۽ جڏهن جاڳان ته منهنجي دل جي يادن ۾ به تون )**

**اي منهنجي جان!** مون توکي پنهنجي ٿڃ پياري آهي اڄ هن وقت ڪربلا جي ميدان ۾ **نواسهءِ محبوبِ ربّ ذوالجلال،** مولا مشڪلڪشا جو لال، خاتونِ جنّت جو نونهال، شهزادهءِخوش خِصال ظلم ۽ ستم ڪان بيحال آهي. منهنجا لال! ڇا توکان ٿي سگهي ٿو ته تون پنهنجي جان سندن جي قدمن تي قربان ڪري ڇڏين! ان بي غيرت زندگي تي هزار حيف آهي جو اسان زنده رهون ۽ **سلطان مدينهء منوره، شهنشاھ مڪهء مڪرم** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو پيارو شهزادو ظلم ۽ جبر سان شهيد ڪيو وڃي. جيڪڏهن توکي منهنجون محبتون ڪجھ ياد هجن ۽ تنهنجي پرورش ۾ جيڪي تڪليفون مون سَنيون آهن انهن ڪي تو وساري نه ڇڏيو هجي ته اي منهنجا پيارا لال! تون پياري حسين رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي مٿان پنهنجي جان قربان ڪر، **حسيني گهوٽ** سيّدنا وهب رضی اللہ تعالیٰ عنہ عرض ڪيو: اي مهربان امڙ! منهنجا نصيب ڀلا ٿين جو هيءَ جان **شهزادي حسين** رضی اللہ تعالیٰ عنہ تي قربان ٿي وڃي، مان دل ۽ جان سان تيار آهيان، گهڙيءَ ڪن لاءِ اجازت ڏيو گهران ته جيئن ان گهرواري سان به ڳالهيون ڪري وٺان جنهن پنهنجي زندگيءَ جي عيش ۽ راحت جو موڙ منهنجي مٿي تي ٻڌو آهي ۽ جنهن جون تمنائون مون ڪانسواءِ ڪنهن جي طرف نظر ڪڻي ڪري نه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي..

ٿيون ڏسن. ان جي حسرتن جي تڙپڻ جو خيال آهي، جيڪڏهن هوءَ چاهي ته مان ان کي اجازت ڏئي ڇڏيان ته هوءَ پنهنجي زندگي کي جيئن چاهي گذاري، ماءُ چيو: پٽ عورتون نَاقِصُ العَقل هونديون آهن، متان تون ان جي ڳالهين ۾ اچي وڃين ۽ اها ابدي سعادت تنهنجي هٿن مان نڪري نه وڃي.

**حسيني گهوٽ** سيّدنا وهب رضی اللہ تعالیٰ عنہ عرض ڪيو، پياري ماءُ امام حسين رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي محبت جي شمع دل ۾ اهڙي روشن ٿي آهي جو ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان کي ڪو وسائي نه ٿو سگهي ۽ انهن جي جانثاري جو نقش دل تي اهڙو چٽيل آهي جو دنيا جي ڪنهن به پاڻيءَ سان نه ٿو ڌوپي سگهي. اهو چئي ڪري گهرواريءَ وٽ آيا ۽ ڪيس خبر ڏنائين ته فرزندِ رسول، ابن فاطمہ بتول، ميدانِ ڪربلا ۾ غمگين ۽ ڏک ۾ آهن. غدارن سندن جو گهيرو ڪيو آهي، منهنجي تمنّا آهي ته مٿن جان قربان ڪريان. اهو ٻڌي ڪري نئين ڪنوار درد ڀري دل مان هڪ ٿڌو ساهہ ڪنيو ۽ چوڻ لڳي، اي منهنجي سر جا تاج! افسوس جو مان هن جنگ ۾ توهان جو ساٿ نه ٿي ڏئي سگهان، شريعتِ اسلاميہ عورتن کي وڙهڻ جي لاءِ ميدان ۾ اچڻ جي اجازت ناهي ڏني، افسوس! ان سعادت ۾ منهنجو حصو ناهي جو توهان سان گڏ مان به دشمنن سان وڙهي ڪري امامِ عاليمقام رضی اللہ تعالیٰ عنہ

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودپاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

تي پنهنجي جان قربان ڪريان. سبحٰن الله عزوجل توهان ته جنّتي باغ جو ارادو ڪري ورتو آهي، اتي حورون توهان جي خدمت جون خواهشمند هونديون. بس هڪ ڪرم فرمايو ته جڏهن سردارانِ اهلبيت عليهم الرضوان سان گڏ جنّت ۾ توهان جي لاءِ نعمتون حاضر ڪيون وينديون ۽ جنّتي حورون توهان جي خدمت لاءِ حاضر ٿينديون. ان وقت توهان مون کي به پاڻ سان گڏ رکندؤ. **حسيني گهوٽ** پنهنجي ان **نيڪ ڪنوار ۽ بزرگ ماءُ** کي ساڻ ڪري فرزندِ رسول صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. **ڪنوار** عرض ڪيو، **يا ابن رسولِ!** شهداء گهوڙي تان زمين تي ڪرندي ئي حورن جي هنج ۾ پهچي ويندا آهن ۽ جنّتي غِلمان مڪمل فرمانبرداريءَ سان انهن جي خدمت ڪندا آهن. "هي" حضور تي جانثاريءَ جي تمنا رکن ٿا ۽ مان نهايت ئي بيڪس آهيان، ڪو اهڙو رشتيدار به ناهي جيڪو منهنجي سار سنڀال لهي سگهي. **التجا** هيءَ آهي ته محشر جي ميدان ۾ منهنجي "هنن" کان جدائي نه ٿئي ۽ دنيا ۾ مون غريب کي توهان جا اهلبيت پنهنجي ٻانهين ۾ رکن ۽ منهنجي سڄي عمر توهان رضي الله تعالىٰ عنه جي پاڪ ٻيبين رضي الله تعاليٰ عنهن جي خدمت ۾ گذري وڃي.

**حضرت امامِ عالي مقام** رضي الله تعالىٰ عنه جي سامهون اهي تمام واعدا ٿي ويا ۽ سيّدنا وهب رضي الله تعالىٰ عنه عرض ڪري ڇڏيو ته **يا امامِ**

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

عالي مقام! جيڪڏهن حضور تاجدارِ رسالت صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي شفاعت سان مون کي جنّت ملي ته مان عرض ڪندس: يارسول الله صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم هيءَ گهرواريءَ مون سان گڏ رهي. **حسيني گهوٽ** سيّدنا وهب رضي الله تعالىٰ عنه امامِ عاليمقام رضي الله تعالىٰ عنه کان اجازت وٺي ڪري ميدان ۾ لهي ويا. اهو ڏسي ڪري دشمن جي لشڪر تي ڏڪٽي طاري ٿي وئي جو گهوڙي تي هڪ ماهر شهسوار اوچتي موت جيان لشڪر ڏانهن وڌي رهيو آهي، هٿ ۾ نيزو آهي، ڪلهي تي ڍال آهي ۽ دل ڏڪائڻ واري آواز ۾ هي رجز (جنگي گيت) پڙهندو اچي رهيو آهي.

اَمِيرُ الحُسَينُ وَ نِعمَ الاَمِـير
لَهُ لَمعَةُ کَا لسِّرَاجِ المُنِير

(يعني حضرت حسين رضي الله تعالىٰ عنه امير آهن ۽ تمام ئي سٺا امير. سندن چمڪ روشن ڏيئي جيان آهي)

بجلي جي تيزي جيان ميدان ۾ آيا، هڪ مضبوط جسم واري گهوڙي تي سپاهگيري جو فن ڏيکاريائون، دشمنن جي صف مان مُبارِز(يعني مقابلو ڪندڙ) گهريائون جيڪوسامهون آيو تلوار سان ان جي سسي لاهي ڇڏيائون، چوڌاري سرڪشن جي مٿن جا انبار لڳي ويا، نا اهلن جا جسم رت ۾ مٽي ۾ تڙپندي نظر اچڻ لڳا. اوچتو گهوڙي جي واڳ موڙي ڇڏيائون ۽ ماءُ وٽ اچي ڪري عرض ڪيائون ته اي مهربان امان! تون مون کان

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم :جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان .

هاڻي تہ راضي آهين ۽ ڪنوار وٽ پهتا جيڪا بيقرار ٿي ڪري روئي رهي هئي ۽ ان کي صبر جي تلقين ڪيائون . **ايتري** ۾ دشمنن جي طرف کان آواز آيو هَل مِن مُّبَارِز؟ يعني ڪو آهي مقابلي تي اچڻ وارو؟ سيّدنا وهب رضي الله تعالیٰ عنه گهوڙي تي سوار ٿي ڪري ميدان جي طرف روانا ٿيا. نئين ڪنوار گهوري ڪري کين ويندو ڏسي رهي آهي ۽ اکين مان ڳوڙهن جا درياهہ وهائي رهي آهي.

**حسيني گهوٽ** شينهن جيان تيز تلوار ۽ نيزو کڻي ڪري جنگ جي ميدان ۾ بجلي جيان اچي پهتو. ان وقت ميدان ۾ دشمنن جي طرف کان هڪ مشهور بهادر ۽ نامور سوار حڪم بن طفيل جيڪو ويڙهہ جي غرور ۾ سرشار هو، تڪبّر سان وَٽَ ڪائيندو اڳتي وڌيو، سيّدنا وهب رضي الله تعالیٰ عنه هڪ ئي حملي ۾ ان کي نيزي تي کڻي ڪري اهڙيءَ طرح زمين تي ڪڍي هنيو جو هڏيون چڪناچور ٿي ويون ۽ ٻنهي لشڪرن ۾ شور مچي ويو ۽ مقابلو ڪرڻ وارن ۾ مقابلي جي همت نہ رهي .

**سيّدنا** وهب رضي الله تعالیٰ عنه گهوڙو ڊوڙائيندي دشمن جي وچ ۾ پهتا. جيڪو مقابلي لاءِ ايندو هو ان کي نيزي تي کڻي ڪري مٿيءَ تي هڻندا هئا، ايتري تائين جو نيزو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. تلوار مياڻ مان ڪڍيائون ۽ تلواربازن جون سسيون لاهي ڪري خاڪ

۾ ملائي ڇڏيائون. جڏهن دشمن ان جنگ کان تنگ اچي ويا تہ عَمْرِو بن سعد حڪم ڏنو تہ سپاهي هن نوجوان جي چوڌاري گهيرو ڪري گڏجي حملو ڪن ۽ هر طرف کان اوچتو ڪاهہ ڪن، پوءِ ائين ئي ڪيو ويو، **جڏهن حسيني گهوٽ** زخمن کان چور ٿي ڪري زمين تي تشريف ڪٽي آيا تہ سخت دل ۽ بدباطن سندن سر ڌڙ کان ڌار ڪري حسيني لشڪر ڏانهن اڇلي ڇڏيو. ماءُ پنهنجي جگر جي ٽڪري جي سر کي پنهنجي ڇهري سان ملي پئي ۽ چوي پئي: **اي پٽ**، منهنجا بهادر پٽ! هاڻي تنهنجي ماءُ توکان راضي آهي . پوءِ اها سر ان جي **ڪنوار** جي هنج ۾ آڻي ڪري رکيائين، **ڪنوار** کان هڪ سسراڻ نڪتي ۽ انهيءَ وقت پرواني جيان ان شمع جمال تي قربان ٿي وئي ۽ سندس روح **حسيني گهوٽ** سان ملي ويو.

سُرخُروئی اسے کهتے هیں که راهِ حق میں
سر کے دینے میں ذرا تُونے تَامُّل نه کیا

اَسکَنَکُما اللّٰہُ فَرادیسَ الجِنانِ واَغرَقَکُما فِی بِحارِ الرَّحمَۃِ وَ الرِّضوَان

(يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي فردوس جي باغن ۾ جڳهہ عنايت فرمائي ۽ رحمت و رضوان جي دريائن ۾ غريق ڪري) (ملخص از سوانح ڪربلا ص 141 تا 146 مڪتبة المدينہ باب المدينہ)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان اهلبيت اطهار علیهم الرضوان جي محبت ۽ جذبہ شهادت بہ ڪيڏيون عظيم نعمتون آهن صرف سترهن ڏينهن جو گهوٽ جنگ جي ميدان ۾ دشمنن جي عظيم

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

لشڪر سان اڪيلي مهاڙو اٽڪايو ۽ جام شهادت پي ڪري جنّت جو حقدار ٿي ويو. **حسيني گھوٽ** جي والده محترمہ ۽ نئين پرڻيل ڪنوار تي بہ ڪروڙين سلام! تمام وڏي حوصلي سان ماءُ پنهنجي پياري ڪي ۽ ڪنوار پنهنجي سُهاڳ ڪي امام عاليمقام، امام عرش مقام، امام تِشنہ ڪام، امام هُمام، سيّد الشّهداء، راڪِبِ دوشِ مصطفيٰ، بيڪسِ ڪربلا امام حسين رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي قدمن تي قربان ٿيندي ڏٺو. اللہ عَزَّوَجَلَّ اهڙي وڏي مرتبي وارين اسلامي ڀينرن جي اسلامي جذبي جو ڪو ذرو اسان جي مائرن ۽ ڀينرن کي بہ نصيب ڪري جو اهي بہ پنهنجي اولاد کي دينِ اسلام جي خاطر قربانين جي لاءِ پيش ڪن، انهن کي سنّتن مطابق زندگي گذارڻ جي تلقين ڪن ۽ عاشقان رسول سان گڏ **مدني قافلن** ۾ سفر تي آمادو ڪن.

سیکھنے سنّتیں قافِلے میں چلو    لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافِلے میں چلو    دور ہوں آفتیں قافِلے میں چلو

## ٽي بهادر ڀائر

**علامہ ابُوالفَرّج ابن جوزي** رَحْمَةُ اللہِ تعالیٰ عَلَیْهِ **عُيُون الحڪايات** ۾ نقل ڪن ٿا: ٽي شامي گھوڙي سوار بهادر، نوجوان ڀائر اسلامي لشڪر سان گڏ جهاد تي روانا ٿيا، پر اهي لشڪر کان الڳ ٿي هلندا هئا ۽ پڙاءُ ڪندا هئا ۽ جيستائين ڪافرن جو لشڪر انهن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

تي حملي ۾ اڳرائي نه ڪندو هو اهي لڙائي ۾ حصو نه وٺندا هئا، هڪ ڀيري رومي، (عيسائين) جو هڪ وڏو لشڪر مسلمانن تي حملي آور ٿيو ۽ ڪيترن ئي مسلمانن کي شهيد ۽ گهڻن کي قيدي بڻائي ڇڏيو. هي ٻئي پاڻ ۾ چوڻ لڳا: مسلمانن تي هڪ تمام وڏي مصيبت نازل ٿي وئي آهي، اسان تي لازم آهي ته پنهنجي جانين جي پرواهه ڪرڻ جي بغير جنگ ۾ شامل ٿي وڃون. اهي اڳتي وڌيا ۽ جيڪي مسلمان باقي بچيا هئا، انهن کي چوڻ لڳا، توهان اسان جي پويان ٿي وڃو ۽ اسان کي انهن سان مقابلو ڪرڻ ڏيو. جيڪڏهن الله عزوجل چاهيو ته اسان توهان جي لاءِ ڪافي هونداسين. پوءِ اهي ٻئي ڀائر رومي لشڪر تي ڪڙڪي پيا ۽ رومين کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيائون. رومي بادشاهه (جيڪو انهن ٻنهي جي بهادريءَ جو منظر ڏسي رهيو هو) پنهنجي هڪ جرنيل کي چوڻ لڳو: ”جيڪو انهن مان ڪنهن نوجوان کي گرفتار ڪري آڻيندو، مان ان کي پنهنجو مُقرَّب ۽ سپهه سالار بڻائيندس.“ رومي لشڪر اهو اعلان ٻڌي ڪري پنهنجون جانيون قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ آخرڪار انهن ٻنهي ڀائرن کي بغير زخمي ڪرڻ جي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. رومي بادشاهه چيو ته انهن ٻنهي کان وڌيڪ ڪا فتح ۽ مالِ غنيمت ناهي، پوءِ ان پنهنجي لشڪر کي روانگيءَ جو حڪم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙھوبيشڪ توھان جومون تي دُرُودشريف پڙھڻ توھان جي گناھن جي لاءِ مغفرت آھي.

ڏئي ڇڏيو ۽ انهن ٽنهي ڀائرن کي پاڻ سان گڏ پنهنجي گادي واري هنڌ **قُسطُنطُنيه** وٺي آيو ۽ انهن کي عيسائي ٿيڻ جي لاءِ چيائين ۽ چوڻ لڳو: جيڪڏهن توهان عيسائي ٿي وڃو ته مان پنهنجي ڌيئرن جي شادي توهان سان ڪندس ۽ آئنده بادشاهت به توهان جي حوالي ڪندس. **ٽنهي ڀائرن** ايمان تي ثابت قدمي جو مظاهرو ڪندي ان جي اها پيشڪش رد ڪري ڇڏي . ۽ سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم کي پڪاريو ۽ پاڻ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم کان فرياد ڪيو. بادشاهه پنهنجي درٻارين کان پڇيو هي ڇا چئي رهيا آهن؟ درٻارين جواب ڏنو ته ”هي پنهنجي نبيءَ کي پڪاري رهيا آهن“. بادشاهه انهن ڀائرن کي چيو: جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهه نه مڃي ته مان ٽن ديڳن ۾ تيل خوب گرم ڪرائي ٽنهي کي هڪ هڪ ديڳ ۾ اڇلائي ڇڏيندس. پوءِ ان تيل جون ٽي ديڳون رکي ڪري انهن جي هيٺان ٽن ڏينهن تائين باهه ٻارڻ جو حڪم ڏنو . هر ڏينهن انهن ٽنهي ڀائرن کي انهن ديڳن وٽ آندو ويندو هو ۽ بادشاهه پنهنجي پيشڪش انهن جي سامهون رکندو هو ته عيسائي ٿي وڃو ته مان پنهنجي ڌيئرن جي شادي به توهان سان ڪرائي ڇڏيندس ۽ آئنده بادشاهت به توهان جي حوالي ڪندس. اهي **ٽئي ڀائر** هر ڀيري ايمان تي ثابت قدم رهيا ۽ بادشاهه جي انهيءَ پيشڪش کي نڪرائي ڇڏيو. ٽن ڏينهن کان

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

پوءِ بادشاهه وڏي ڀاءَ کي سڏي پنهنجو مطالبو دهرايو، ان مرد مجاهد انڪار ڪيو. بادشاهه ڌمڪي ڏني ته مان توکي هن ديڳ ۾ اڇلائي ڇڏيندس، پر ان پوءِ به انڪار ئي ڪيو . **آخر بادشاهه ڪاوڙ ۾ اچي ڪري ان کي ديڳ ۾ وجهڻ جو حڪم ڏنو. جيئن ئي ان نوجوان کي ڪڙهندڙ تيل ۾ وڌو ويو، فورًا ان جو سڄو گوشت ۽ کل سڙي وئي ۽ ان جون هڏيون مٿان ظاهر ٿي ويون،** بادشاهه ٻئي ڀاءَ سان به ائين ئي ڪيو ۽ ان کي ڪڙهندڙ تيل ۾ اڇلائي ڇڏيو. جڏهن بادشاهه ايتريقدر ڏڪئي وقت ۾ به اسلام تي انهن جي استقامت ۽انهن هوش اڏائيندڙ مصيبتن تي صبر ڏٺو ته شرمسار ٿي ڪري پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو مون انهن (مسلمانن) کان وڌيڪ بهادر ڪنهن کي نه ڏٺو ۽ هي مان انهن سان ڇا ڪيو؟ پوءِ ان ننڍي ڀاءَ کي آڻڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان کي پنهنجي ويجهو آڻي مختلف حيلن بهانن سان برغلائڻ لڳو پر اهو نوجوان ان جي چالبازي ۾ نه آيو ۽ ان جي ثابت قدمي کي ڪو لوڏو نه آيو، ايتري ۾ ان جي هڪ درٻاريءَ چيو: اي بادشاهه! جيڪڏهن مان ان کي راهه تان هٽايان ته مون کي انعام ۾ ڇا ملندو؟ بادشاهه جواب ڏنو: مان توکي پنهنجي فوج جو سپهه سالار بڻائيندس. ”ان درٻاريءَ چيو مون کي منظور آهي، بادشاهه پڇيو: تون ان کي ڪيئن راهه تان هٽائيندين؟ درٻاريءَ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

جواب ۾ چيو: **اي بادشاهہ!** تون ڄاڻين ٿو تہ عرب وارا عورتن ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکندا آهن ۽ اها ڳالهہ سڀ رومي ڄاڻيندا آهن تہ منهنجي فلاڻي ڌيءُ حُسن ۽ جمال ۾ بيمثال آهي ۽ پوري روم ۾ ان جهڙي ڪا ٻي حسينہ ناهي. تون ان نوجوان کي منهنجي حوالي ڪري ڇڏ، مان ان کي ۽ پنهنجي ان ڌيءُ کي اڪيلائيءَ ۾ گڏ ڪندس ۽ اها ان کي راهہ تان هٽائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي. بادشاهہ ان درباريءَ کي **چاليهن ڏينهن** جي مهلت ڏني ۽ ان نوجوان کي ان جي حوالي ڪري ڇڏيو، اهو درباري ان کي وٺي ڪري پنهنجي ڌيءَ وٽ آيو ۽ سڄي ماجرا ان کي ٻڌايائين . ڇوڪريءَ پيءُ جي ڳالهہ تي عمل ڀيرا ٿيڻ تي رضامنديءَ جو اظهار ڪيو، اهو نوجوان ان ڇوڪريءَ سان اهڙيءَ طرح رهڻ لڳو جو ڏينهن جو روزو رکندو هو، ۽ سڄي رات **نوافل** ۾ مشغول رهندو هو، ايتري تائين جو مقرر مدت ختم ٿيڻ لڳي تہ بادشاهہ ان ڇوڪريءَ جي پيءَ کان نوجوان جو حال پڇيو، ان اچي ڪري پنهنجي ڌيءَ کان پڇيو تہ اها چوڻ لڳي تہ مان ان کي راهہ تان هٽائڻ ۾ ناڪام رهيس، هو مون ڏانهن مائل نہ ٿو ٿئي، شايد ان جو سبب هي آهي جو ان جا ٻئي ڀائر هن شهر ۾ ماريا ويا ۽ انهن جي ياد هن کي ستائيندي آهي. تنهن ڪري بادشاهہ کان مهلت ۾اضافو ڪرايو ۽ اسان ٻنهي کي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

ڪنهن ٻئي شهر ۾ پهچايو. درٻاريءَ سڄي ماجرا بادشاهہ کي ٻڌائي. بادشاهہ مهلت ۾ اضافو ڪيو ۽ انهن ٻنهي کي ٻئي شهر ۾ پهچائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. اهو نوجوان هتي بہ پنهنجي معمول تي قائم رهيو يعني ڏينهن ۾ روزو رکندو هو ۽ سڄي رات **عبادت** ۾ مصروف رهندو هو، ايتري تائين جو **جڏهن مهلت ختم ٿيڻ ۾ ٽي ڏينهن رهجي ويا تہ اها ڇوڪري بي تابانہ ان نوجوان کي عرض گذار ٿي: مان توهان جي دين ۾ داخل ٿيڻ چاهيان ٿي ۽ ائين اها مسلمان ٿي وئي.** پوءِ انهن اتان ڪان فرار ٿيڻ جي ترڪيب ٺاهي، ان ڇوڪريءَ اصطبل مان بہ گهوڙا آندا ۽ انهن تي سوار ٿي ڪري اهي اسلامي سلطنت ڏانهن روانا ٿي ويا. هڪ رات انهن پنهنجي پويان گهوڙن جي سُنبن جو آواز ٻڌو. ڇوڪريءَ سمجهيو تہ عيسائي سپاهي انهن جو پيڇو ڪندي قريب اچي پهتا آهن. ان ڇوڪريءَ نوجوان کي چيو: توهان ان ربّ عزوجل ڪان جنهن تي مان ايمان آڻي چڪي آهيان دعا ڪريو تہ اهو اسان کي اسان جي دشمنن کان ڇوٽڪارو عطا فرمائي. **نوجوان پوئتي مُڙي ڪري ڏٺو تہ حيران رهجي ويو جو ان جا اهي ٻئي ڀائر جيڪي شهيد ٿي چڪا هئا فرشتن جي هڪ گروهہ سان گڏ انهن گهوڙن تي سوار آهن. هن انهن کي سلام ڪيو پوءِ انهن کان انهن جا احوال پڇيا اهي ٻئي چوڻ لڳا،**

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نه پڙهي.

اسان هڪ ئي غوطي ۾ جنّت الفردوس ۾ پهچي ويا هئاسين ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي توهان وٽ موڪليو آهي، ان کان پوءِ اهي موٽي ويا. اهو نوجوان ان ڇوڪريءَ سان ملڪِ شام پهتو ۽ ان سان شادي ڪري اتي رهڻ لڳو. انهن ٽن بهادر شامي ڀائرن جو قصو ملڪِ شام ۾ تمام گهڻو مشهور ٿيو ۽ انهن جي شان ۾ قصيدا چيا ويا جن جو هڪ شعر هي آهي

سَيُعطِی الصَّادِقِينَ بِفَضلِ صِدقٍ

نَجَاۃً فِی الحَيَاۃِ وَ فِی المَمَاتِ

ترجمو: عنقريب الله تعاليٰ سچن کي سچ جي برڪت سان زندگي ۽ موت ۾ ڇوٽڪارو عطا فرمائيندو. (عُيُون الحڪايات ص 197، 198 دارالڪتب العلميہ بيروت)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! انهن ٽنهي شامي ڀائرن ايمان تي استقامت جو ڪيڏو زبردست مظاهرو ڪيو، انهن جي دلين ۾ ايمان ڪيتريقدر راسخ ٿي چڪو هو، اهي عشق جون صرف وڏيون وڏيون دعوائون ڪرڻ وارا نہ حقيقي معنيٰ ۾ مخلص عاشقانِ رسول هئا. ٻئي ڀائر جامِ شهادت پي ڪري جنّت الفردوس جي سرمدي نعمتن جا حقدار بڻجي ويا ۽ ٽئين روم جي حسينہ ڏانهن ڏٺو بہ نہ ۽ ڏينهن رات رب عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

مصروف رهيو ۽ ائين جيڪا شڪار جي نيّت سان آئي هئي اها خود قيدي بڻجي ڪري رهجي وئي! **هن حڪايت مان هي بہ معلوم ٿيو تہ مشڪلات ۾ سرڪار** صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم **ڪان مدد گهرڻ ۽ يارسول الله** صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم **پڪارڻ اهلِ حق جو قديم طريقو رهيو آهي.**

یا رسول اللہ کے نعرے سے ہم کو پیار ہے
ان شاءَاللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا جي راحت جي منهن تي ٺڏو هڻايئون

**ان** شامي نوجوان رضی اللّٰہ تعالیٰ عنہ جو عزم ۽ استقلال ۽ ان جي ايمان تي استقامت مرحبا! ٿورو غور تہ فرمايو! نگاهن جي سامهون بہ پيارا پائر جامِ شهادت پي ويا پر ان جي ثابت قدمي کي ٿورو بہ لوڏو نہ آيو، نہ ڌمڪيون ڊيڄاري سگهيون نہ ئي قيد ۽ بند جون تڪليفون پنهنجي عزم کان هٽائي سگهيون. حق ۽ صداقت جو حامي مصيبتن جي ڪارن ڪارن بادلن کان بلڪل نہ گهٻرايو. مصيبت جي طوفان جي سيلاب سان ان جي ثابت قدمي کي لوڏو بہ نہ آيو؟ خدا ۽ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي ديواني دنيا جي آفتن جو بلڪل خيال نہ ڪيو، بلڪ راهِ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

خدا عزّوجلّ ۾ پهچڻ واري هر مصيبت جو ان خوش دليءَ سان آڌر ڀاءُ ڪيو گڏوگڏ دنيا جي مال ۽ خوبصورتي ۽ حُسن و جمال جي لالچ به ان جي ارادن کان ڪيس نه هٽائي سگهي ۽ **ان مردِ غازي اسلام جي خاطر هر طرح جي دنيا جي راحت جي منهن تي ٺُڏو هڻي ڇڏيو.**

یہ غازی یہ تیرے پر اَسرار بندے     جنہیں تُو نے بَخشا ہے ذَوقِ خُدائی
ہے ٹھوکر سے دو نیم صحرا و دریا     سِمَٹ کر پہاڑ ان کی ہیبَت سے رائی
دو عالَم سے کرتی ہے بیگانہ دل کو     عَجب چیز ہے لَذت آشنائی
شہادت ہے مطلوب و مقصودِ مومن
نہ مالِ غنیمت نہ کِشوَر کُشائی

**آخرڪار** الله عزّوجلّ آزادي جا به خوب اسباب فرمايا. اها رومي ڇوڪري مسلمان ٿي وئي ۽ ٻنهي شادي ڪري ڇڏي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن توهان به ٻنهي جهانن جي ڪاميابيءَ جا خواهشمند آهيو ته عاشقان رسول سان گڏ **مدني قافلن** ۾ سنّتن جي تربيّت جي لاءِ سفر ۽ روزانو فڪرِ مدينه جي ذريعي **مدني انعامات جا ڪارڊ** ڀري ڪري هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

## حاجت پوري ڪرڻ ۽ بيمار جي عيادت ڪرڻ جي فضيلت

حضرت سيّدنا عَبدُالله ابن عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما ۽ حضرت سيّدنا اَبُوهُريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ٻئي فرمائن ٿا: جيڪو پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ ويندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان تي پَنجهَتر هزار ملائڪن جي ذريعي ڇانوَ فرمائيندو آهي، اهي فرشتا ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن ۽ هو فارغ ٿيڻ تائين رحمت (الٰهي عَزَّوَجَلَّ) ۾ رهندو آهي ۽ جڏهن هو ان ڪم کان فارغ ٿيندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هڪ حج ۽ هڪ عمري جو ثواب لکندو آهي، ۽ جنهن مريض جي عيادت ڪئي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ **پنجهتر هزار ملائڪن** ذريعي ڇَانوَ فرمائيندو ۽ گهر واپس اچڻ تائين ان جي هر قدم کڻڻ تي ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي ۽ ان جي هر قدم رکڻ تي ان جو هڪ گناهه مٽايو ويندو ۽ هڪ درجو بلند ڪيو ويندو جڏهن هو مريض سان گڏ ويهندو ته رحمت ان کي ڍڪي ڇڏيندي، ۽ پنهنجي گهر واپس اچڻ تائين رحمت ان کي ڍڪي رکندي .

(المعجم الاوسط للطبراني ج3 ص222 حديث4396)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰى مُحَمَّد